# انتقالِ عشق وصالِ يار

## ( شاعراڻا احساس )

سيد غلام حيدر شاهہ قلندري

انجمن غلامانِ قلندر (ويلفيئر) سنڌ



سڀ حق ۽ واسطا محفوظ آهن

ڪتاب جو نالو: انتقالِ عشق وصالِ يار (شاعراڻا احساس)
شاعر: سيد غلام حيدر شاهہ قلندري
ڇاپو پهريون: جون 2020ع
ڇپائيندڙ: انجمن غلامانِ قلندر (ويلفيئر) سنڌ انفارميشن شعبو
ڪمپوزنگ ۽ سهڙيندڙ: شيرخان پنهور
ٽائيٽل ڊيزائن: مهراڻ سهتو
تعداد: هڪ هزار

**قيمت : 200 رپيا.**

**All Rights are Reserved at Publisher**

**INTQAL E ISHQ WISAL E YAR**
**POETIC FEELINGS.**
**1ST EDITION : © 2020**
**PUBLISHED BY: A.G.Q.W SINDH**
**INFORMARTION DEPARTMENT.**
**COMPOSING: Sher Khan Panhwar.**

# ارپنا

**انھن سڀني دوستن جي نانءُ ڪيون ٿا جن پنھنجو قيمتي وقت ڪڍي ڪتاب پڙھيو ۽ ان کي سمجھڻ جي ڪوشش ڪئي.**

**سيد غلام حيدر شاھ قلندري**



# عاشقن سندا اُھڃاڻ

”لفظ“، ڪاغذ جا گل آهن. جيڪڏھن انھن ۾ اعليٰ خيالن جي خوشبو ناهي، يا ڪٺي ائين چئجي تہ لفظ مٽي آهن، جيڪڏھن انھن ۾ احساس ۽ فڪر ناهي، ڇو تہ مٽيءَ جي سڪٺي ۽ پالھي بوتي ۾ جيستائين احساسن ۽ خيالن جو روح ناهي اوستائين تہ بس مٽي، مٽي رهي ٿي. پر جڏھن ڪو درمند دل، اَھلِ نظر، حقيقي عاشق، ڪائنات جي سمنڊ مان معرفت جا موتي ميڙي چونڊي، لفظن جي گلستان ۾ ڪي خوشبو ڀريا خيال ۽ احساس ڀوڪي ٿو تہ پوءِ اهي لفظ روشن ستارا بنجي دڳ ڀٽڪيل ماڻھن لاءِ رهبري ۽ رهنمائي جو ڪم ڏين ٿا. نہ رڳو ايترو پر اهُي لفظ درد ماريل دلين لاءِ آٿت ۽ مرهم جو بہ ڪم ڏين ٿا. تہ ساڳي وقت سماج ۾ موجود براين جي اصلاح جو بہ ڪم ڏين ٿا. منافق چهرن جا نقاب لاهي حق ۽ سچ کي بہ پڌرو ڪن ٿا. سو ڏٺو وڃي تہ سائين غلام حيدر شاھ قلندري هڪ پاسي پنھنجي روحاني خطابت جي ذريعي ڀٽڪيل دلين ۽ زنگيل ذهنن جي اصلاح ڪري رهيا آهن تہ ٻئي پاسي هڪ

اهلِ دل ۽ اهلِ نظر انسان جي حيثيت ۾ شاعراڻا احساس ۽ خيال ڪٺي سماج ۾ موجود برائين جو عڪس چٽي اسان آڏو حق ۽ سچ کي پڌرو ڪري رهيا آهن. سندن هيءَ ڪتاب ”انتقالِ عشق وصالِ يار“ بہ اڳ ۾ آيل ڪتابن جيان انفرادي توڙي اجتماعي طور معاشري جي اصلاح لاءِ ئي لکيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ طويل نثري نظم هجن يا ٻن ۽ ٽن سٽن وارا مختصر خيال پر هر هڪ لفظ جي پنهنجي اهميت آهي، چاڪاڻ تہ اُهي بہ عڪس آهن، آئينا آهن، هر عاشق، هر منافق لاءِ، پوءِ جيڪو جهڙو آهي، ان کي اهڙو ئي چهرو نظر ايندو. هن ڪتاب جي لفظن ۾، سو اچو تہ هنن اعليٰ شاعراڻن احساسن ۽ خيالن کي دل سان پڙهون ۽ ڪجھ پرايون.

**الطاف ملڪاڻي**



# سوچڻ سچ سونهين

شروعات ان مالڪ جي نالي سان جيڪو حقيقتن سيني مالڪن جو اصل مالڪ آهي، جنهن پنهنجو ڪلام پنهنجي پياري محبوب سائينءَ صلي الله عليہ وسلم جن جي هٿان دنيا تي عيان ڪيو جنهن ۾ وڏيون وڏيون حڪمتون ۽ راز آهن. درود ۽ سلام جي اها هستي لائق آهي جنهن اهو پيغام ڦهلايو ائين محدود انسان پنهنجي پنهنجي سوچ ۽ سمجھ جي آڌار تي شعرن جي صورت ۾ ڪجھ اظهار ڪيا، اهڙيءَ طرح هي مجموعو بہ هڪ اظهار آهي، هڪ خيال نما سوچ جو، جنهن کي شاعريءَ جي بندشن کان آجو رکيو ويو آهي، فقط سوچون پهچائڻ واسطي، هن ڪتاب کي وڏيون ڪاوشون گڏ ڪرڻ ۾ حسب دستور پٽ شيرخان جون، جنهن جي ڏينهن رات جي جدوجهد شامل آهي، سائين الطاف ملڪاڻي جي نگراني ۾ هي ڪتاب اڄ اوهان جي هٿن ۽ المارين جي زينت بنيو آهي، سيني غلطين جي معافي بعد سيني دوستن لاءِ دعائون جيڪي مالي تعاون ڪندا پيا اچن پٽ شيرخان سان ڪتابن جي خريد فروخت ڪان وٺي هر ممڪن مدد ڪرڻ تائين.

**سيد غلام حيدر شاهہ قلندري**

# حسين عليہ السلام

❊❊❊

تربيت تہ تربيت هوندي آه،
کير جو پيي اثر ٿيندو آه،
هنج جو پيي اثر ٿيندو آه،
گهر جو پيي اثر ٿيندو آه،
سڀ رشتا گڏبا آهن،
تڏهن تہ حسين ٿيندو آه،
جنهن جو نانو نبي آه،
جنهن جي امڙ خاتونِ جنت آه،
جنهن جو بابو حيدرِ ڪرار آه،
اتي حسين پيدا ٿيندو آه،
جتي ظلم برپا رهندو آه،
جتي حق لڪي ويندو آه،
جتي سچ ڪوڙ ٿيندو آه،
اتي حسين پيدا ٿيندو آه،
تاريخ شاهد آهي ”حيدر“،
جتي ظلم جي وادي رچندي آه،
جتي پيڙاءِ بربريت وسندي آه،
اتي يادِ حسين ايندي آه،
تربيت تہ تربيت هوندي آه،
تڏهن تہ حسين ٿيندو آه.

❊



# مقامِ عشق کي سلام

اي اداءِ عشق توکي سلام،
اي مقامِ عشق توکي سلام،
اي وفا جا علمبردار،
اي نبي جا نواسا،
نازن ادائن سان پاليل،
هنج زهرا عليہ السلام جا مڪين،
مهر نبوت جا سوار،
علي عليہ السلام جي اکين جا تارا،
لعل قلندر جا لجپال،
جنتين جا سردار،
اسان جا ”حيدر“ هئنين هار توکي سلام،
اي اداءِ عشق توکي سلام،
اي مقامِ عشق توکي سلام.

❊

# وفا جي خوشبو

عقيدت عشق ڪو رواج تہ ناهي،
هڪ مُندي لاهي وري ٻي پائجي،
وفا ٻيو دوست هڪ خوشبوءِ آهه.
روح ۾ پرورش ڪري جي ٻاهر نڪري پوي،
خاموشي ٽوڙي ڇڏي،
ڪڏهن لفظن ۾ ڪڏهن اشارن جي دنيا ۾ ڪري معطر معاشري
ڪي،
زماني جي لاهين چاڙهين ۾ رهي جي قدم ثابت.
انهيءَ عقيدت کي سلام،
اسان جي "حيدر" ناهي هجت سان هجت.
ان مستانيت کي سلام،
ان دانا ديواني کي سلام،
جنهن رواجن مان ڪيو آجو ان عشق کي سلام،
ان جي چاهيندڙن کي سلام،
سائين محمد علي کي سلام.

❊



# مُحب ڪاڏي هليو وئين

لاڙ جي لالاڻ ۾،
ٿر جي ٿوهري ٿاڪن ۾،
ڄام ٽنڊي جي جوڀن ۾،
خواجہ سلطان آباد جي ڪارين راتين ۾،
پنهنجي محبوب رحمان سائين جي اڱڻ تي،
ڪنري جي خاموش واديءَ ۾،
۽ سيوهڻ شريف جي بازارن ۾،
هڪ مستانو انسان ائين گهمندو هيو،
جو پنڌ مسافر پاڻ هليو ۽ عشق جي بازار الستي ۾ گهوٽ ٿي پئي
گهميو،
يار توکي جدائي سونهندي ڪو نہ هئي،
تون تہ تنهائي جي لائق ڪين هئين،
تنهنجي طبيعت يارن جي يار هئي،
اڄ سج جي تيز تپش جيان تنهنجي يادگيري اچي وئي،
محب ڪاڏي هليو وئين،
ها سائين چوڻ منهنجو ادب هيو پر تون تہ يار هئين،
تنهنجي محبت ڪنهن سريلي دوست کان بہ وڌ هئي،
اڄ تنهنجي يادگيريءَ وانگي تنهنجي سڀني دوستن کي،
ڪڪڙ جيان ڪنپن ۾ ويڙهي ساهہ ۾ سانديان ٿو
چنڊ ۽ چڪور جيان چاهہ هيو.

اڄ ڀي قلندرين جو ويساهه دلين ۾ محفوظ آهين،
تنهنجي رقيبن جي سامهون تنهنجو ”حيدر“،
اڄ ڀي اڪيلو بيٺو آهه، بيٺو آهه،
صورت سبق ساڻ ڪري،
دل درياهه ڇوليون ڪري،
اڄ ڀي ته ڪو بيٺو،
اڄ ڀي ته ڪو بيٺو آهي.

❊

# پوڄاري وفا جا

نالي تنهنجي تي سڙڻ وارا،
اڄان ڀي طعنا ڏيو وڃن ٿا اڄ ڀي،
اسان پوڄاري وفائن جا ”حيدر“،
آهيون ڏاڍا او، نڪ جا سائين.

❊



# نينهن جا نعرا

مُرڪندا رهياسين،
ڪلندا رهياسين،
دنيا وارا روئيندا رهيا ۽ اسان مرڪندا رهياسين،
نفرتن جي گهرن ۾ وڃين،
محبتن جا گيت ڳائيندا رهياسين ۽ مرڪندا رهياسين،
بغض ڪيني ۽ حسد جي پاسي ۾ بيهي،
نعرا نيهن گنگنائيندا رهياسين ۽ مرڪندا رهياسين،
غمن دردن جي معاشري ۾ ”حيدر“،
خوشيءَ ۾ ڌمالون لڳائيندا رهياسين،
۽ مرڪندا رهياسين،
ڪلندا رهياسين،
دنيا وارا روئيندا رهيا ۽ اسان مرڪندا رهياسين.

❊

# الستي عشق

اسان کي نہ ڇيڙيو
اسان سان نہ جهيڙيو
اوهان جا رويا توبهہ استغفار،
نہ انسانيت،
نہ مسلمانيت، ڪريو کهڙيون ٿا ڳالهيون،
اوهان جيون ٻوليون آهن زهر قاتل،
لڪيل آهي اوهان جي اندر ۾ تہ بس تجارت حسد،
اسين ماڻهو سنڌ جا سياڻا اياڻا،
اوهان صوفييت جي نالي پويان،
رکو ٿا ازم پنهنجا،
لالچ لوڀ وارا،
مگر وس ۾ ناهي،
اوهين ڇا ڄاڻو
اوهين ڪانو ڪارا،
نہ سڏايو ڪبوتر فقير،
اوهين نہ لڪو ڪنهن باز جي لڪير ۾،
شهباز شڪري جي پرواز وڏي آه،



اوهين پار ٻگهن جا سمجهي سگهو ٿا تہ اوهان جي ڪنين کي
کهڙي خبر اڏام جي،
ڪڏهن ڪڪڙ ٻوڙون ڪيون آهن اپ ۾،
ڇالاءِ ڇو جا لفظ سڀ ناڪام،
اسم ذات جا ڇاپا ڇاتين تي اسان جي،
ڪلمي جي تاثير قلب منجهہ ٿي گونجي،
اسان جا عضوا ڪن رقص رومي جو،
ڌمال ۾ ڪمال ڪيو اسان حاصل،
اسان عشق الستي جا هوڪا آهيون،
اسان جي سڃاڻپ سچ جي سڪ آه،
اسان کي ڳولهيو
اجايل وانگر،
بنا ڪنهن برتن،
پاڻي آب ڇاڻيو
اسان "حيدر" مست ماڻهو
اسان کي نہ ڇيڙيو
اسان سان نہ جهيڙيو،

❋

# ڪردار جي ڳالهہ

مرڻ وارو مري ويندو آهي،
ڳالهہ ڪردار جي ڳائبي آهي،
ڪجهہ سکن جي،
ڪجهہ ڏکن جي،
هر ميڙ ۾،
چانهہ جي ڪپ تي،
ڪنهن دعوت ماني پت تي،
ڳالهہ ڪردار جي ڳائبي آهي،
پوئين سان حال اوريندين،
ويچار سور ونڊيندين،
ڪڏهن پر ۾ ڪڏهن پاڪر ۾،
ڪڏهن لستون ونڊين طعامن جون،
ڳالهہ ڪردار جي ڳائبي آهي،
جي ڪو غريب آهي تہ ڪو غمخوار ڪونهي،
جي امير آهي تہ هر ڪو شريڪ غم ٿئي ٿو
اهو رواج "حيدر" سماج جو
اها روايت لازم ملزم آهي،
ڳالهہ ڪردار جي ڳائبي آهي.

❋



# علم ۽ عقل

چڙهندي سج کي لهندي ڏٺوسين،
ڏينهن مان رات ٿيندي ڏٺوسين،
جواني جوڀن،
مستيون ۽ مذاق،
وارن ڪارن ۾ سفيدي ايندين ڏٺيسين،
شهرن کي سنسان،
سنسانن کي شهر،
ويرانن ۾ چراغان،
ميدانن تي ميلا،
ميلن ۾ تنهائيون،
ڇائندين ڏٺوسين،
زور زوراوريون،
شان شاهيون،
شهوارن سنديون،
گوڏن مٿي هٿڙا هڻي اٿندين ڏٺوسين،
چرين جيون چريائيون،
ڪجهہ سمجهو "حيدر"،
علم ۽ عقل،
عقل ۾ عشق کي لهندي ڏٺوسين.

❋

# وفا توکي سلام

ڪنهن جي نصيبن ۾ ناڪامين جا نظارا،
ڪي وري ڪامران ۽ ڪامياب قربن سان،
اي وفا توکي سلام،
ڪن کي ليکا بچيا حسابن جا،
عداوتن ۽ اٽڪلن جا،
ڪنهن جا ڪم ڪريم تي نازن ناز نوڙت سان،
اي وفا توکي سلام،
ڪن جي چهرن ۾ مايوسيون ۽ لٽڪيل مُهاندا،
وريا ماڳ واپس،
رهيا ڪين قابل هيڏانهن جا هوڏانهن جا،
اي وفا توکي سلام،
وفائن وارا خوشين جي نعرن جي گونج ۾،
گل گلابن جي خوشبوءِ ۾،
مرڪندين ايندا ويا،
قربن سان وفائن سان،
اي وفا توکي سلام،
سرخرو محب محبوبن سان،
”حيدر“ تحفن طائفن سان،
روحاني رمزن رازن سان،
اي وفا توکي سلام.

❊



# واهه ڙي عشق

واهه ڙي عشق اچين اهڙو لڳين،
نه خيال رهيو
نه حال رهيو
نه مال پيڙا رهياسين،
ڪنهن ڳالهه ۾،
واهه ڙي عشق اچين اهڙو لڳين،
وقت هلندو رهيو
ايئن ويندو رهيو
نه پنهنجن جي خبر،
نه پراون جو فڪر،
واهه ڙي عشق اچين اهڙو لڳين،
دين دنيا ڇڏائي ڇڏئي،
وندرون سڀ وساري ڇڏئي،
هوندين پيي اڻ هوندي بڻائي ڇڏئي،
واهه ڙي عشق اچين اهڙو لڳين،
نه راز ۾، نه ساز ۾،
نه ڪنهن جي منڙي آواز ۾،
دل بحري باز ۾،
نه هِن طرف،

نہ هُن طرف،
واهہ ڙي عشق اچين اهڙو لڳين.
ڪر بخش مونکي "حيدر"،
ٽيو گهٽو بس ماٺ آهہ،
نہ سمجهين سگهيس،
نہ ڪوشش آهہ سمجهڻ جي،
واهہ ڙي عشق اچين اهڙو لڳين.

❊

❊❊❊

عشق اهڙي مخلوق ڏني اٿم "حيدر"،
اڳيان جنهن جي علم عقل بي وس بڻيا پيا آهن.

❊



# ڪنڊا ميڙبون

اچو تہ ڪنڊا ميڙبون،
جهيڙيون پنهنجي جيءَ سان،
توڙيون ناتا نفرت سان،
اچون تہ ڪنڊا ميڙبون،
ذهنن جي زهريلي پڻ ڪان،
وڇون ڪاريهر ڏنگ ڪان،
نقلي صوفي نڱن ڪان،
بي فيض پير لٽيرن ڪان،
ماني واري مکين ڪان،
اچو تہ ڪنڊا ميڙبون،
پير پٿون ٿيا جن جا،
صبر شڪر جي دامن سان،
ڪون وڪاڻا نوٽن سان،
سيلفي واري فوٽن سان،
پايون پاڪر ان جهيڙن سان،
اچو تہ ڪنڊا ميڙبو
ٻالڪ ٻار نسل جا،
راتون رات جاڳن ٿا،
روڊ رستا گهمن ٿا،
هوٽل "حيدر" گهر سمجهي،
صبح اتي ڪن ٿا،
اچو تہ ڪنڊا ميڙبون.

❊

# انساني قدر

ڪجھ هوش ڪر اي اولاد آدم،
هي هوا جي نياڻي آھ،
ڪنهن جي ماءُ آھ،
ڀيڻ آھ جگر جو ٽڪرو آھ،
تو ليڪا لتاڙيا غيرت جا،
انساني قدرن جا،
ڏرم دين جي رسمن جا،
حيوان پڻ ”حيدر“ پناھ گھري آھ،
اهو سن چوڏهين هلي پيو،
انسان انسان کي کائي پيو،
شرم ڪر اي اولاد آدم.

❊

❊❊❊

انسان ۾ جي اڇي شيطان تہ ڪنڪريون ان کي پڻ هڻجن
”حيدر“،
ٻہ چار يا ست، ڪجھ نفس کي، ڪجھ شرم کي.

❊



# نقلي صوفي

قلندر قلندر سڀڪو چوي ٿو
نہ ڄاڻ لفظ ۽ تلفظ جي خبر آهي،
پوءِ پڻ فطنت ۾ آهيون پي ايچ ڊي،
نڪرون ٿا نفس جا گولا غلام ٿي،
ڪٿي پان وات ۾ پتي وارا ڏس،
سيئي خرچ پاڙا سنگت تي اسان جا،
اسان ڪيل جيئن ڪيڏيو آهي،
روحانيت کي،
ٻٽي چورا چيڙ ڪچن ۾ اسان جي،
اسان جي دعوا دين ڌرم پٺي لتاڙي،
اسان فرضن جا اصل ڪان ويري،
نقلن سان اسان جي ڪڍهن ڪان پوي ٿي،
ڪڍهن ٽڳيون ٽيڙي،
ڏيکاريو ٿا جهان کي،
صفا فقير صوفي جذب ۾ ڄڻ آهيون،
سڄايو پنا ٺاپين سان سنگت جا،
وٺون لطف فقيري جا،
اڄان ڄٽ پيو ڄاڻين ڪري ڍونگ ٺڳي جا،
بچائيندين ٽڪا ٻہ چار چڱن جا،
ڏس قد ڪوتاھ.

ڪرتوت پنهنجا،
ڪيا تنهنجي نسل،
ڪيڏي ويڙه ان سان،
اڄ ڪٿي نالو نڪتو آهين تون ان جو،
جنهن ڪتاب ۾ پنهنجي ڪيو ذڪر نہ ان جو،
وري تو روش اڄ اها رکي آه ”حيدر“ سان،
اسان وٽ ناهي جاءِ جاني،
ادب جي دشمنن جي،
ڏنا جنهن جهير وقت جي قلندر کي،
لڪي ڪين سگهندين ڪري عڪس ان جو،
ڪڏهن آجو ڪپڙن کان ٿيڻو پوندينءِ،
اسان تي ڏوھ نہ يار اهو هٽجان،
اسان قيد ”حيدر“ آهيون وفا ۾،
قلندر قلندر سيڪو چوي ٿو،
قلندر قلندر سيڪو چوي ٿو.

❊



# هاءِ هيءَ دنيا

دنيا هلي پئي تہ دوست!
سپ ڪجھ ٺيڪ تہ آهي،
سج پنهنجي وقت تي لهي ۽ اڀري پيو،
رات جو پي تارا چنڊ سان گڏ چمڪن پيا،
دنيا هلي پئي تہ دوست!
اڄ پي لابارا لٽجن پيا،
نوان کيت کيڙجن پيا،
پکي پکڙ چُنهبن ۾ داڻا آڻين پيا،
دنيا هلي پئي تہ دوست!
اصليت وري اصل ڏانهن ڇڪجي پئي،
سادگي ساڳي ليجي پئي،
مصنوعيت منهن ڍڪي تہ پئي،
دنيا هلي تہ پئي دوست!
مصروف ماڻهو ٿهي پيو ڪيئن گهر ۾،
ٻچڙن جي سامهون اٿي سمهي پيو،
ڪڏهن ڪل ۽ ڪاوڙ ڏيکاري پيو،
دنيا هلي تہ پئي دوست!
بي نمازي پي وضو ڪري ويٺو

ڪيميڪل ميڪپ ڪري نٿو،
نہ چاهيندين پيي جهڪي پيو،
دنيا هلي تہ پئي دوست!
فقط گهما گهمي آرٽيفيشل گم ٿي آهہ،
فضول خرچي گهٽ ٿي آهہ،
وڏي شور غل ڪان زمين آجي ٿي آهہ،
ماٺ ئي ماٺ ڏسجي پئي،
دنيا هلي پئي تہ دوست!
بدليا نہ بدليا آهيون اسان "حيدر"،
اسان جون عادتون اهي ئي ساڳيون،
هجومن ۾ اڄ پيي آهيون،
هن جي يادن سان سلامت،
نہ وڇڙيا نہ وڪريا،
نہ رهيا اڏ ۾ آهيون،
ڏسون پيا مشاهدو،
دنيا هلي پئي تہ دوست!

❊



## لاڪ ڊائون

اڄ ڇا مان ڇا ٿيندين ڏسون پيا،
وري پراڻا رواج ايندين ڏسون پيا،
جوانيو ۾ مستيون،
مستيون ۾ جوانيون،
ويجهن ۾ ويڇيون،
وجهندين ڏسون پيا،
ڪلف ڪاٽ ڪاٽن،
سٽڪا ڪجهہ منٽن جا،
سامهون ايندين، سامهون ويندين ڏسون پيا،
پڇيم اي جاني، اڄ ايڏو پري،
مطلب تہ سمجهائي،
چيائين نہ پڇ، بندش، ٿيندين ڏسون پيا،
چيم چڱو يار پري ڪان بيهہ تہ ڏسي وٺان،
چيائين لاڪ ڊائون ڏانهن پاڻ کي ڊوڙيندين ڏسون پيا،
پڇيم "حيدر" ڪجهہ قدم پوئتي هٽي بيهہ،
هي ڇا سفيد پوش ۾ وڏيل ڏاڙهي تنهنجي ٿيندين ڏسون پيا،
چيائين تہ هن حال وارن کي امدادِ عشق ملندو آهي ان لاءِ،

جيڪي نہ رِڙيان نہ رَڙيان،
اهي پيي اڄ روئيندين ڏسون پيا،
اڄ ڇا مان ڇا ٿيندين ڏسون پيا،
ڪل مڪ ڇهرا،
روئندين سڏڪندين ڏسون پيا،
اڄ ڇا مان ڇا ٿيندين ڏسون پيا.

❊

## نفس

ٻڌو هئم "حيدر" تہ شيطان پاڻ کي ڪلهہ آئسوليٽ ڪري
ڇڏيو هو.
اهو صحيح آهي تہ انسان جو جسم تہ قيد آهہ.
مگر نفس آزاد آهي شيطان جي سيٽ تي.

❊



## هجرءِ وصال

وڇڙڻ جي صدمي،
وصال جي آسري ڏاڍا نيڻ روئارين ٿا،
محبوب هيءَ عاشق اوهان جا،
ڪري ڳالهيون راتين جون راتيون گذارين ٿا،
محبوب هيءَ عاشق اوهان جا،
جڏهن ٿا ڏسن پائين ٿا "حيدر"،
منزل سفر واري مسافر،
ڇهري ڪي ڦيري طرف اوڏانهن،
نظر ساڻ نهارين ٿا،
محبوب هيءَ عاشق اوهان جا.

❊

❊❊❊

اسان جي خاموشي پيي ڳالهائيندي آهي "حيدر"،
اسان جا اشارا راز رکندا آهن.

❊

# عداوت، عيش آرام

ستڪن تي ستڪا،
اٿي مٿي ڪتڪا .
وريو وقت واپس،
مٿڪي اندر ڪٽڪا .
بيمار ٿيو بيمان،
ايمان ٿيو مهمان،
غربت جي ظلمت ڪان،
پڳا رسن منجهہ مٽڪا،
عداوت عيش آرام،
عشرت پيٽ پرجڻ،
ملي ڪلو ڏيڊ جي،
اٿي جا چنڊڪا.
سڀ خوشيون مبارڪ،
اي مسڪين جا ٻار توکي،
ڪائي پيٽ پر تون مڪائي جا گهتڪا.
اجان پيي ”حيدر“ صبر ڪيو وتون پيا،
نہ ڏور ڏوراپا نہ پٽون پاراتا.

❊



# ويڳاڻو نہ ٿي

سوچ ڪر سياڻو ٿي،
در در نہ ائين ويڳاڻو ٿي،
ڪجهہ حقيقت سک حقارت ڇڏ،
حسد هوڏ لالچ ڇڏ،
نينهن نياڳن ڪم ناهي،
سلوڪ صلاح رسم ناهي،
روح رُسي ۽ پرچي پيو،
غيب غيبت ڪان پري،
عقل ڪر، حيران نہ ٿي،
هي تنهنجي وس جي ڳالهہ ناهي،
هي حڪم ”حيدر“ حبيبن جو،
نظر ناز نصيبن جي،
هتي حيلو ڏاهپ هلي نہ،
هتي عقل نند پوي پيو،
هتي علم ان اوسيئڙي ۾،
چو چا چالاءِ لفظ اندر ۾،
سوچ ڪر سياڻو ٿي،
در در نہ ائين ويڳاڻو ٿي.

❊

# جهيڙا

جهيڙا ڏسو جهيڙن جهيڙا،
ماني تي پٽن تي،
زن مريد جي طعنن تي،
ويندڙ ميڪپ وارن جوڙن تي،
جهيڙا ڏسو جهيڙن جهيڙا،
مواليءَ جي من مستين تي،
ڪوٽ گٽڪي پان تي،
ونڊ ملي پئي ٽاٽي تان،
ڊبل ٽرپل اوڳاڙي تي،
جهيڙا ڏسو جهيڙن جهيڙا،
مندر مسجد اوتارن تي،
فرقي وارين ڳالهين تي،
چندي وارين پيٽين تي،
ايجاد نون نعرن تي،
جهيڙا ڏسو جهيڙن جهيڙا،
طوفان پٿرن وارا ايندا،
ذات آدم ترس ڪر،
نسل پنهنجي تي ”حيدر“،
وقت هٿن مان وڃي پيو،
تون ڪلين پيو،
ٻين پارن تي،
گهر ۾ جهاتي پائي تہ ڏس،
جهيڙا ڏسو جهيڙن جهيڙا.

❊



# واٽا وريا واپس

وري واٽا وريا واپس،
ڏسي باٽا مڙيا واپس،
وڏيون ڳالهيون وڏا ٺهڪا،
لفظ چورايل ڪن ڏاهين جا،
ٻڌي ڳنڍ ڍڪيا آهن،
رليا آهن راهن تي، مال لاءِ،
چال چوري واري ڏاري،
ڍال زوري زور واري،
داٽي پاٽيءَ موڙي واري،
ڀيڀ وڏا ڀرجن ڪيئن،
پاور ڙي وارا آهوڙي تي صبر ٽڪاو ڪن ڪيئن،
ويهہ سردار لٽ ڏٽي،
هڪ پڳ اٽڪيل،
ڄڻ وچ ۾ لٽڪيل آه،
زور وڏو لڳايو ويو،
بادي هوا، ڳالهہ هوا ۾،
ويئي اڏري واهوندي ۾ فضا ۾ سزا ۾ وفا جي،
در بدر ٿيا گهر گهر ،
”حيدر“ پاڪر حيدر جي،
سرهاڻ سهٽي لعل جي،
واه رنگ تنهنجا ڪريم،
وري واٽا وريا واپس.

❊

# اصل يا نقل

نظر ئي نظر ۾،
فڪر ئي فڪر ۾،
لڱل دل ٿي تڙپي،
هجر ئي هجر ۾،
پشيمان آهيان پنهنجن پراون تي،
جلايو حسد آه،
گهر کي گهر ۾،
اعتبار ۽ اعتماد جڻ اڏاري بازي،
ظاهري ها ۽ انڪار آه اندر ۾،
خريدار ۽ خريداري،
بازار پئي پري آه،
اصل آه يا نقل،
ڪيئن پوي خبر،
خبر ۾، آواز ۽ ساز ۾،
لڱل فون ڪن ۾،
هوش ويو هوائن ۾،
ٻڏي دل پگهر ۾،
عقل ۽ عشق ۾،
لڱل جنگ آهي ”حيدر“،
چوڻ آهي چريائي،
علم جي اکر ۾.

❊



# ديس وسي پيو

دردمندن جو ديس وسي پيو،
ڏُکر جو ڏمر لهي پيو جڻ،
قحط جا قلف ٽٽن پيا اڄ،
ٽٽل ڦٽل چهرا مرڪن پيا شايد،
موٽي مليا لمحا خوشيءَ جا،
جوانيون جهومن،
لهرائين مرڪون،
جوڀن جوتون، اداسيون،
مايوسيون بنا ملڻ موڪلائين،
هر هنڌان هوڪا ”حيدر“ ٻڌون پيا،
دردمندي جو ديس وسي پيو، وسي پيو.

❊

❊❊❊

هڪڙي ئي تصور اهڙو چاڙهي رکيو نشو ”حيدر“،
ٻيا نشا گم ٿي ويا عقل علم وارا سڀ.

❊

# اجا پيا تاڙيون

اڙي واھ ڙي عشق ڪير تو جيئن پيي نپائيندو،
رستو اڙانگو پيي آهي تہ ويجهو پيي آهي،
مگر اهو جنون فڪر،
سوچ سمندري، خيالن جون اونهائيون،
صبر، شڪر، استقامت، عاجزي، بردباري،
سبق سپ سڪڻ وارا،
ڪچا ٿي پڪا ٿيا،
پڪا ٿي ڪچا ٿيا،
اجان پيا تاڙيون،
”حيدر“ اجان پيا تاڙيون حال ڪان بي خبر،
خبرون پيي خبرن جهڙيون،
ڄاڻون پيي نہ ڄاڻون،
اڻ ڄاڻن وانگر،
معصوم ٻارڙن جيئن،
اجان پيا تاڙيون،
اڙي واه عشق تو نپايو،
اسان اجان پيا تاڙيون،
اڙي عشق تو نپايو.

❊



# ڳالهيون اسان جون

ٻڌو دوستو دل واريون ڳالهيون اسان جون،
ڪجھ ڪڙيون ۽ ڪاريون ڳالهيون اسان جيون،
نہ فريب، نہ دوکو، نہ لوڀ ڪا لالچ،
فقط اخلاق، ڪردار واريون ڳالهيون اسان جيون،
نہ حسد ڪينو بغض گلا ۽ نہ ريا خوري،
صفا صاف صوفي سگھاريون ڳالهيون اسان جيون،
نہ مٽڪا، نہ سٽڪا، نہ ٻاڙ نہ ڏڙڪا،
نہ واھ نہ واڪاڻ، نہ فنڪاريون ڳالهيون اسان جيون،
اسان جو تہ هٿ ”حيدر“، حيدر جي هٿ ۾،
رنگ روح محبت سينگاريون ڳالهيون اسان جيون.

❊

❊❊❊

نہ ڏينداسون باغ جيون ٽاريون پٽڻ ”حيدر“،
وڏي وڏا وڻ ٽيندا هن گلستان جا دوست.

❊

# محبتن جو مان

ضرورت آهي هن وقت انسان کي انسان جي،
انسان کي انسان سمجهو تہ بهتر آهي،
حيوان سان پيار محبتون پلي ڪريو،
انسان کي انسان ۽ حيوان کي حيوان سمجهو تہ بهتر آهي،
ڪتن ٻلين لاءِ آسائشون اوهان جو عمل چڱو آهي،
معصوم ٻارڙن لاءِ خوراڪ جو اعلان سمجهو تہ بهتر آهي،
وڏا علمبردار آهيو عورتن جي حقوق جا،
نياڻين کي نياڻين جو مليل مان سمجهو تہ بهتر آهي،
قوميت جي قانونن ۾،
ٻولين جي قاعدن ۾،
دين ڌرم جي اصولن ۾،
انسان تي ڏئي ڌيان سمجهو تہ بهتر آهي،
ظلم کي ظلم،
حسين وانگر چئي ”حيدر“،
حق سچ جو سامان سمجهو تہ بهتر آهي،
انسان کي انسان سمجهو تہ بهتر آهي،
موڙي طوفان نفرت جو،
محبتن جو مان سمجهو تہ بهتر آهي.

❊



# سڀ ڪوڙ آهي

ڪرونا ڪوڙ ٿيندو،
ڪوڙ سارو ڏوڙ ٿيندو،
ڏوڙ ڇٽي پئي،
ايمان ۽ سچ جي وچ ۾،
ايمان ويو مهماني ڪائڻ،
سچ ۾ صداقت ڏسجي پئي،
خوف ڪنهن کي موت جو يا گڏ ڪيل ڏن جو،
ڪنهن کي ڏک بک خالي پيٽ جو،
ڪو جيئڻ چاهي عيش آرام لاءِ،
ڪو رهي ٿو انسان ٿي انسان لاءِ،
اڄ لاچار ٿي لاغر پيو،
جنهن کي زور هو زر ڪشي تي،
اڄ ماندو آهي اڪيلو آهي،
اسان چيو هو اي انسان اڪيلو آهين،
اڪيلو ويندين،
نہ سڃاڻي سگهئين تون ”حيدر“،
سڀ ڪوڙ آه ڏوڙ آه،
ڪوڙ آه ڏوڙ آه.

❊

# سهڻن کي سلام

اچو تہ سهڻن کي سلام ڪجي،
ٿورو وجي پر ۾ چو نہ ڪلام ڪجي،
بغير ڪنهن ڊپ ۽ خوف جي،
اهو اعلان کلي عام ڪجي،
چوندو ڇا زمانو اهو سڀ وساري،
پلي دنيا ۾ پاڻ کي بدنام ڪجي،
عزت انهيءَ ۾ رکيل آهي اسان جي ”حيدر“،
نوڙي نيازن سان سرڙو نيلام ڪجي.

❊

❊❊❊

اچو تہ حسين لحمن کي ڪيون قيد پنهنجي يادن ۾ ”حيدر“،
وقت هٿن مان نڪتو پيو وڃي.

❊



# اوريون حال ڪنهن سان

ٽڪا پيي تہ ناهيون،
ٽٽا پيي تہ ناهيون،
اهو ٺيڪ آهي تہ،
اڃان پنڌ تي پهتا پيي تہ ناهيون،
جنهن معاشري ۾ ڏين پيا ڪير تي پهرا،
ٻلا سڀ گڏجي،
اتي ڪير ۽ ڪير وارن وٽ،
رسيا پيي تہ ناهيون،
وڏا ويس وسيلا،
ڪيا رهزن زاهدن،
انهن ٺڳي باز ٺولن سان مليا پيي تہ ناهيون،
رڳو پاڻ پنهنجون ۽ پنهنجن جون ساراهون،
اجايو وقت ان واعظن وٽ وڃنا پيي تہ ناهيون،
ڪري لوڏ لوڏون،
لٽيو جن لٽيرن،
انهن مال خورن ڏي ٽپيا پيي تہ ناهيون،
اسان حال ”حيدر“،
اوريون پيي ڪنهن سان،
اڃان پاڻ پاڻ مان نڪتا پيي تہ ناهيون.

❊

# عنايتِ علي عليہ السلام

لذت عشق ۾ لڙهي وڃڻ،
نالو صوفيت آهه،
وهندڙ وڻج واپار ۾،
ڪائڻ غوتو،
اندازِ قلندريت آهه،
دنيا جي ڏنڌي ۾ لڪڻ،
اهو راز اويسيت آهه،
فقر ۽ فقيري،
۾ لڳي نعرو حسينيت آهه،
ٽئي سڀ ٿو حاصل ”حيدر“،
اها علي عليہ السلام جي عنايت آهه.

❊

❊❊❊

قلندر هڪ تندور آهي ”حيدر“،
ڳچن ڪي پيي پچائي ڇڏي ٿو ٻاهر.

❊



# ٽاهه ٽڳيءَ جا

ٽاهه ٽڳي جا ڇڏ او سهڻا،
اسين اڳ ٽڳيا سون چاهه ۾،
تو ڳالهه ڪئي اج آهه،
اسان ورهيہ ڪٽيا ان ورونهن ۾،
اسان ڪئين لومڙيون پالي ڪيون وڏيون،
تون ڇال نہ هڻ جلدي ۾،
اهي مڪر مخلوق ڪي ڏيڪار نہ دولت وارا،
چسڪا ڏئي چالاڪي جا،
زهريلو تنهنجو ذهن آهي،
ٽڪي ٽتي ويهي رهندين،
عشق جو رستو،
مهانگو آهي،
ڏکيو آهه، نازڪ آهه، نفيس آهه،
شيطانن جي جڳهه ناهي،
تون ٽاهه ڇڏ ٽڳيءَ جا.

❊

# اعتقافِ عشق

دنيا جي رنگن کان واقف آهيون،
سمجهون سڀ ٿا نہ پنهنجن ۽ پراون جو خوف،
لڳاسين نہ ڏسي نقصان ۽ فائدا،
فقط اعتماد ۽ اعتبار نہ عذابن جو خوف،
پهچائيبو پيار پنهنجي منزل تي،
انشاءالله انشاءالله ڪبو ڪين غدارن جو خوف،
اعتقافِ عشق ۾ ويهي رهياسون ”حيدر“،
نہ وفائن جو سهارو،
نہ بي وفائين جو خوف،
همٿ آهہ حوصلو
نہ حجابن جو خوف،
چوندو ڇا ڪو نہ تنقيد وارن جو خوف.

❊

❊❊❊

اڇو تہ اڄ دوستو ڪٽي شيشي جهڙيون دليون ”حيدر“،
پٿرن جون دليون بہ جهوري وجهون.

❊



# چپن تي چاشني

وڏو مزو آهہ منهنجا محبوب،
ڪثرتِ درود ۾ ”حيدر“،
چپن کي چاشني،
روح کي راحت،
نفس کي صبر آهہ شڪر جو،
اسان جي ڪرت ڪاروبار،
واپار پرين جي پچر،
نفعو ئي نفعو آهي،
نہ نقصان ڪنهن فڪر جو.

❊

❊❊❊

عشق ۾ هڪ ئي دروازو هوندو آهي ”حيدر“،
اهو درود جو ورد اٿئو دوست.

❊

# محبتن جا ميلا

جڏهن چورن مٿان مور ايندا،
مور ٿيندا چور سيئي،
نانگن سان ڪندا ويڙه وڏي،
ان دم نڪرندا نور سيئي،
وڻ وڻ ڪاٺي گڏبا اچي،
پڇي ويندا لنگور سيئي،
ميلا مچندا محبتن جا،
نفرتن جا گهٽبا سور سيئي،
”حيدر“ ڪڻ هٿ دعا جا،
.پاڙيا پتا ٿين منصور سيئي

❊

❊❊❊

تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ وڏو خلا آهي ”حيدر“،
فقط محبت ئي ان کي پري سگهي ٿي.

❊



# محبتن جا سوداگر

نٿو رهين ڪر شوق پورو پنهنجو،
ڪجهہ ڪون ملندئي،
مزا سردين جا وٺ اونهارن مان،
اسان سوداگر محبتن جا،
اسان ڇا سمجهون نفرتن مان،
فريب دوکي لالچ ۽ عداوتن مان
تو لاءِ جائز تو لاءِ حلال،
تون پلي ڪر سودا نفرتن جا،
اسان محبتن جا سوداگر،
ڇا سمجهون نفرتن مان،
فريب دوکي لالچ ۽ عداوتن مان،
وياج سميت ڏيڻا پوندئي ڪيل واپار ”حيدر“،
جيڪي تو حاصل ڪيا ڪيني ۽ حسد جي گدامن مان.
اسان سوداگر محبتن جا،
اسان ڇا سمجهون نفرتن مان،
فريب دوکي لالچ ۽ عداوتن مان .

❊

# هڪ سبق

وظيفا نہ پڇ دوست،
هڪ سبق آهي دل وندرائڻ جو

سڀ عضوا امانت آهن هنجي،
انهن ۾ صدائون انهن جون لڳا آهن سڀ ان طرف،

اوهان جا ورد وقت تي وسري ويندا شايد،
هي نسون نيهن جا نغما پئيون چونديون،

تڏهن تنهنجو چهرو مرجهائجي ويندو،
مگر رونقون بحال هونديون
وري بہ اسان جون،

ذڪر نہ ڇيڙ ظاهري لفظن جو "حيدر"،
محبوبنِ جِي نالي سان نہ پيٽ ڪنهن ڪي،

وظيفا نہ پڇ دوست،
هڪ سبق آهي دل وندرائڻ جو.

❊



# اعلانِ عشق

ڪنيو بار آهي تہ نڀائيبو توڙ تائين،
نہ ويهبو نہ ٿڪبو بي ايمان نہ ٿيبو
نقلي ۽ اصلي ۾ ڪبو فرق لازمن،
چڙ واڳ تي انسان مان شيطان نہ ٿيبو
خبرون هزارين هلائي پر زمانو
فڪر ۽ فلسفي ڪان پنهنجي بي ڌيان نہ ٿيبو
غيرن ڪان طريقہ نجات نہ پڇ "حيدر"،
پنهنجن جي سازشن تي پريشان نہ ٿيبو.
وڏو آهي حوصلو حيران نہ ٿيبو ڪري اعلانِ عشق واپس ويران
نہ ٿيبو.

❊

❊❊❊

اگر جسم، روح ۽ دل جي ڪري مدد "حيدر"،
تہ منهنجا محبوب تنهنجي نالي پويان گهر گهر وڃان.

❊

# سفر هلندو رهيو

ڳالهيون مشورن واريون ۽ تعريفن سنديون ڪهاڻيون،
ٻڌندا رهياسين ۽ ڪلندا پيا رهياسين،
وقت اچڻ تي ”حيدر“ منزل تائين پهچڻ جو سفر،
ڪجهہ يادون ۽ پاڇا،
گڏ هلندين ڏٺاسين،
گدامن مان ڪنيل ڪجهہ داڻا اناج جا،
ڇاٽي مان ڇٽندين وفائن سان چمڪندين لڌاسين،
چپ چپ رهياسين،
روئيندين روئيندين ڪلندا رهياسين.

❊

❊❊❊

وجودِ انسان تي ڪو شڪ ناهي ”حيدر“،
مگر انسانيت وري پيي ڳولهڻي پوندي.

❊



# هار، جيت

چڱن سان چڱائي،
ڪندو رهڻ بهتر آهي،
منافقن ڪان منهن موڙڻ بهتر آهي،
هار، جيت سبب آهي زندگيءَ جو،
ٽڪي ويهڻ ڪان اٿي هلڻ بهتر آهي،
پلي پاند پنهنجو پري رکو مطلب وارن ڪان،
خوامخواه خوار ٿيڻ ڪان بهتر آهي،
جتي جاءِ ناهي هم ڪلامي جي ”حيدر“،
اتي چپ چاپ تي ٻڌڻ بهتر آهي.

❊

❊❊❊

دنيا ڪي اسان وساريو تہ خير آهي،
دنيا اسان ڪي نہ وساري سگهندي ”حيدر“.

❊

# وفائن جو سودو

گهٽن مڙسن گهر هلندو ناهي،
ڪوڙ ڪي سندرو هوندو ناهي،
پٽاڪ ڊاڙ رکبا ناهن،
جنجالي فتنو پڌبو ناهي،
ٽوپيون نراڙ تي،
شيطان بغلن ۾ چپندو ناهي،
سرمان اکيون ڪاريون،
ٻوليون منيون ظاهر،
اندر ۾ ابليس لڪندو ناهي،
هزارين حربا "حيدر" هلائي،
ٿي تون خريدار،
وفائن جو سودو ڪبو ناهي.

❊

❊❊❊

هزارين دليل ڏيڻ ڪم ناهي اسان جو "حيدر"،
محبت، امر، ادب، تصور ۽ وفا رنگ فقيريءَ جا.

❊



# وفا ۽ جفا

تفاوت نہ ڪبو
لفظي لفافي ۾،
وڃي ڇا اسان جو اوهان جي هنگامي ۾،
سوداگر مصروف عمل آهن سودو ڪرڻ ۾،
اسان حق دوست جو نيائڻ جي آهيون معاملي ۾،
وڃي ڇا اسان جو اوهان جي هنگامي ۾،
تفاوت نہ ڪبو لفظي لفافي ۾،
ڪئين بي نقاب ٿيا ۽ ٿيندا ئي رهيا،
حق سچ جي هن قافلي ۾،
تفاوت نہ ڪبو
لفظي لفافي ۾،
وڃي ڇا اسان جو اوهان جي هنگامي ۾،
اڄ پيي "حيدر" يزيدن جي گهيري ۾ آهي،
وفا ۽ جفا جي مقابلي ۾.
وڃي ڇا اسان جو اوهان جي هنگامي ۾.
تفاوت نہ ڪبو
لفظي لفافي ۾.

❊

# دروديِ دوست تنهنجي نانءُ

ڪو جهيڙو ناهي جهڳڙو چا جو
هن جو مُلهہ مٽن ۾ پيي مهانگو
تنهنجو رتبو رتي نہ سمجهو
تون چريو آهين 'چسڪي جو
هو زهر ڪي پيي زم زم پيي وجي ٿو
تون تہ محدود محفوظ ٿئي ٿو
هو محبوب تہ محسوس ٿئي ٿو
تون لوپي آهين لوپ سنڌو
تون ڪوفي آهين خوف سنڌو
هو سهڻو سجڻ آهي سوپ سنڌو
تنهنجا وار واپس ٿيڻا آهن،
هن جا وارا نيارا ٿيڻا آهن،
تون لڪين پيو لوڪ ۾،
هو ملي پيو محب ۾،
ڦير وڏو آهي فرق ڪيڏو،
قدم قدم ۾ شڪ آهي،
اسان ماڻهو ”حيدر“ ان جا،
اسان سيني جو ڊڪ آهي،
ڪو جهيڙو ناهي جهڳڙو چا جو.

❊



# ويچارا ماڻهو

ويچارا ماڻهو
ڪلهہ بہ اڄ پيي آهن،
هي ڏسو هو ڏسو
راهن ۾ رهيا، ڪنهن نہ ڪنيا،
هيڏي هوڏي هٽ هنيا،
ڪين ڦٻيا، ڪين مڙيا،
اداسي جي اهڙي پار ويا،
ناڪام جهڙا ڪارا ماڻهو
ويچارا ماڻهو ويچارا ماڻهو
وقت ۾ بي وقت ٿيا،
نعمت ۾ بي نعمت ٿيا،
محبتن ۾ بي محبت ٿيا،
غرق اندر نفرت ٿيا،
لا وارث لاچارا ماڻهو
ويچارا ماڻهو ويچارا ماڻهو.
هِن هُن هنڌان هٽيا،
ڪين رسيا ڪين وريا،
حسد ”حيدر“ جي ڪوڏيا،
ميڙن منٿن ڪون ٿيا،
اوڙن پاڙن ڪان پيي ويا،
سيلفي سلفي سارا ماڻهو
ويچارا ماڻهو ويچارا ماڻهو.

❊

# رضا تي راضي

وفائن جا قدم ڪي پريل تہ هوندا،
پري پاڻ کان ائين ڪيئن ٿيل تہ هوندا،
هنجن ۾ هيرائي،
پاسيرو هيئن ڪر نہ پرين،
رهي ڪين سگهندا،
توهان جا ڪاريل تہ هوندا،
لفظن جي لذتن جا وڇائي،
ڇار پلي ڪر اثر،
نظرن جي سامهون،
کهڙا ڊِڪيل تہ هوندا،
مرڪن ۾ محبوب پري کان هيڏي تاثير،
ڀاڪرن جي ڀر ۾، ڇا جهليل تہ هوندا،
پلي اچي تلاشي وٺ منهنجي وجود جي هر دم،
ڪٿي تہ تنهنجا غم لڪل هوندا،
اسان تہ راضي رضا تي ”حيدر“،
مگر رقيبن جا سوال پڇيل تہ هوندا.
پري پاڻ کان ائين ڪئين ٿيل تہ هوندا،
وفائن جا قدم ڪي پريل تہ هوندا.

❋



# عجب رنگ

ڪو تہ نقابن مان پيو نهاري وٺي ٿو،
ڪو سامهون ويٺل پيو واپس وريو وڃي ٿو،
عجب رنگ آهي،
محبوب جي محبوبيت جو،
ٿاري ڏڪاري يا سڏ ڪري ويهاري،
الزام هيٺ وري پيو عاشق ويچارو،
اڳئي ئي هٿا ڇهري تي غلاف حجابن جا،
هاڻي تہ درن کي پيو تالا، چاهت وارن لاءِ،
حجت ناهي ”حيدر“ مگر هوش پيو هوڏي،
اسان اڻ ڏٺي پيو ڏاپيان وڃون ٿا،
ڪي ويجها پيو ناڪارا ٿيندين ڏٺاسين،
عجب رنگ آهي محبوب جي محبوبيت جو.

❋

❋❋❋

تصوير ۽ تحرير ۾ جي رنگ نہ پرجي ”حيدر“،
پوءِ ڏسڻ ۽ پڙهڻ ۾ کهڙو مزو دوستو.

❋

# اجان پيي ننڊ ۾

اسان اجان پيي ننڊ ۾،
وقت وهي رهيو آهي،
جيئن ريت منجهان هٿن،
اسان اجان پيي ننڊ ۾،
انسان مان انسانيت لپي ٿي نٿي،
اک ڪنهن جي ڪنهن تي ٽڪي ٿي نٿي،
هجن بڪون يا جهولا،
پلي وڃا ڪڏي منهن،
اسان مان عادت ساڳي هٽي ٿي نٿي،
کھڙيون ميارون ڏجن راڄ وارن تي،
اسان کان سوئي ڏاڳي ۾ اٽڪي نٿي،
ٻن پئسن جي پوپان لتاڙجن اسان جون لوئيون ليڙ ٿي،
مردن موڪليون زائفائون پنهنجيون،
پاڻ سينڌ سرمان چڙ سردار شهر جا،
وڏا وٺ شهپرن کي جهڙا ڪيهر شينهن جهنگ جا،
وري پريان ڏسو ته چمڪا انهن سيٿين جا،
ڪئين ڪٺوتيون ڪن ٿا پنل پنج پئسن تي،
چڙ خون پيئن پيا پنهنجي نج ٻچن جو،
هوڏانهن ڏس ”حيدر“ ذخيره مافيا جا،
وڃا چڙ انهن تي اجان ناهي آئي،
اهي ساوا گڏ سڪن جي سڙبا چو نه،
اسان اجان پيي ننڊ ۾،
وقت وهي رهيو آهي جيئن ريت منجهان هٿن،
اسان اجان پيي ننڊ ۾.

❊



# درياهہ موج مستي ۾

اسان اجان پيي اج ۾،
درياهہ وڏ موج مستي ۾،
اسان اجان پيي اج ۾.
تانگ وک ترسون ٿا،
ڳالهيون گهٽيون ڪريون ٿا،
سڃاڻي سک نہ سمجهون ٿا،
اسان اجان پيي اج ۾،
درياهہ وڏ موج مستي ۾،
ڪپ ڪنارن تي نچون ٿا،
ماپون ڪريو ٻيهون ٿا،
ڏيڻ ٽپ کان ٿهي ڊڄون ٿا،
اسان اجان پيي اج ۾،درياهہ وڏ موج مستي ۾،
لهرن جا رخ نہ جانچياسين،
چولين جي چالن کي نہ رسياسين،
سامهون نظرن سان نهاري واپس وري وياسين،
اسان اجان پيي اج ۾، درياهہ وڏ موج مستي ۾،
ڪيڙي نہ ڪائي سگهياسين،
بغير ڏاند ٻج پوکيل پوک لٽياسين،
وڏي هام ”حيدر“ هٽي يار ويڻاسين،
اسان اجان پيي اج ۾،
درياهہ وڏ موج مستي ۾.

❊

# چاپلوسي چہرو

اچو تہ لڪ لڪوٽي ڪريون،
ويس ڍڪي ايمانداري وارا،
پنهنجن پراون کي سٽي رکون،
اچو تہ لڪ لڪوٽي ڪريون،
ڪنهن کي خبر ڪهڙي اسان ذخيره اندوز آهيون،
ظاهر ۾ سفيدي ويس اسان جو،
نيڪن وارا ڪرشما ڏيکاريون جڳ کي، سٺو پاڻ چورايون،
اندر ۾ شرمنده ضمير ضرور ٿئي ٿو
مگر ڇا ڪجي، دنيا ۾ هلڻ خاطر،
چاپلوس چہرو ٽيڙو پوي ٿو
ڪوڙ کي سچ ثابت ڪرڻ جا ڪارخانا رکون ٿا،
اوهان کي لپڪي ۾ لٽي وجون ٿا،
اچو تہ لڪ لڪوٽي ڪريون،
ظاهر ۾ رهبر اندر ۾ رهزن،
سڀ ڪجهہ آهن پاپي پيٽ جون رمزون،
متان سمجهون اسان کي نيڪ آهيون،
ڄڻ ڪي ڪارا نانگ قاتل،
آهيون قاتل فتنن ۾،
دلال خور جي گروپن ۾،
اسان تہ ”حيدر“،
سوداگر سچن انسانن جا،
جتي ڪٿي اٽڪي پون ٿا،
اچو تہ لڪ لڪوٽي ڪريون.

❊



# متل مانڊاڻ

ٿورڙي چنٽي چڳي ۾ ڪتاڻ ڪافي آه،
ائين وري ڪتاڻ سان گڏ مناڻ ڪافي آه،
واندي ٽڪل دوستن لاءِ،
فون ڦوڪو ڦلڪاڻ ڪافي آه،
پاڻ ڪاڙهين ۽ پاڻ پئين،
پر ڇانهہ سان گڏ چرڪاڻ ڪافي آه،
ميل ملڻ ملاقات جو وسارڻ ڏکيو آه،
پرپرو پري کان ڳالهہ ڳالهائڻ ڪافي آه،
گهٽن کي ڏنم ڪندين ڪم گهر جا،
اهڙن دوستن جي ڪرڻ واڪاڻ ڪافي آه،
ڪي ماهر ٻوهاري جا، ڪي رڌڻي ۾ رڌل ڏنم،
ماٺهو مڙس سياٽا اها واهہ جي واڪاڻ ڪافي آه،
سڄي رات رستا ماپيا جن ٿي،
انهن لاءِ ڪٽن کي ڪرڻ واڻ ڪافي آه،
ڪي سفيد ٿي ويا ڄڻ بزرگ ڪامل،
ويچارن لاءِ گهر ۾ متل مانڊاڻ ڪافي آه،
اجان ڳالهہ ۾ حال باقي آهي گهٽو،
انهن جوڏن جوانن لاءِ وٽن جي ٽڏاڻ ڪافي آه،
حياتي ۾ هئين ”حيدر“ بند دنيا ساري کي،
ڪندين مالڪ کان اهڙي چنڊي چنڊچاڻ ڪافي آه.
ٿورڙي چنٽي چڳي ۾ ڪتاڻ ڪافي آه،
ائين وري ڪتاڻ سان گڏ مناڻ ڪافي آه.

❊

# نفرتن کي مات

اچو تہ اچ فارمولا عشق کي ورجايون،
ڏئي مات نفرت کي محبت اپنايون،
پراون کي پنھنجن جي ڪري لسٽ ۾ شامل،
دنيا کي واٽ اھڙي لڳايون،
ڪجي فتح فلسفي صبر جي فڪر سان،
منافقن کي منھن تي چٽئي جي سمجھايون،
اسان ساڻ "حيدر"،
ھلي سوئي سمجھي،
راز رومي ۽ تبريز جيئن ٿا ڳايون،
اچو تہ اچ فارمولا عشق کي ورجايون،
ڏئي مات نفرت کي،
محبت اپنايون.

❊

❊❊❊

ھار "حيدر" ڪردار جي نہ ٿيندي آھي ڪڏھن،
مگر تنھنجي تڪبر جي جيت نہ ايندي ڪڏھن.

❊



# اجا تہ ٻہ ڪي آھن

بغير پڇ وارا،
بغليون ھنڻيون وجن ٿا،
نوڙھا نلھا نڪرن، ٿھليو وجن ٿا،
بي وقوفن جا وٿاڻ اسان وٽ ججھا آھن شايد،
تڏھن گھٽ ملھہ ۾ اگھجيو وجن پيا،
قدر قيمت ڳالھيون سڀ پاروٿيون،
ڇٽ جاھل وڏيرا،
تڏھن وڪجيو وجن ٿا،
اجان پيي آھن ڪي خود غرض اوطاقن ۾،
ٻاھر جي ڪا خبر ناھي، وھيو چا واپريو،
وھنوار وسريو وجن ٿا،
وڏا سوٽ سوٽيٽ،
نخرا نوان ظاھر،
پويان لڪيل کير ٻلا پيو وجن ٿا،
"حيدر" حيرت ناھي،
ناھي ڪا حسرت،
لڳا رھن شاباش،
وري شوشا چڏيو وجن ٿا،
بغير پڇ وارا،
بغليون ھنڻيون وجن ٿا،
نوڙھا نلھا نڪرن، ٿھليو وجن پيا،
بغير پڇ وارا،
بغليون ھنڻيون وجن ٿا.

❊

# درد ۾ درمان

درد ۾ درمان درهم برهم،
تنهنجا منهنجا غم ختم،
چوري چپي وارا، چسڪا،
هٿ هٿن منجهہ هٿيڪا،
راتيون ويون ڏينهن ويا،
ماٺ مستين منهن ڍڪيا،
نہ هِتي رهيا نہ هُتي رسيا،
ڏيتيون ليتيون نہ آيون ڪم،
درد ۾ درمان درم برهم،
تنهنجا منهنجا غم ختم،
ڪنهن جي هئي ڪيڏانهن آڏار،
وچ ۾ رهيا سپ وهنوار،
ڪون رهيو ڪو پاڳي پائيوار،
تلسيون گٽڪا نہ رهي نسوار،
ماري ويو مسواڙ جو وهم،
درد ۾ درمان درم برهم،
تنهنجا منهنجا غم ختم،
جيڏو امير اوڏو مرض،
سرد گرم ٿيو قابو غرض،



هو ويچارو پري قرض،
هي پڙهي پيو پورا فرض،
نڪ جو ڏاڍو واهہ واهہ شرم،
درد ۾ درمان درهم برهم،
تنهنجا منهنجا غم ختم،
لٽي لٽيرو انسان کي انسان،
مهمان ”حيدر“ ٿيو ايمان،
شرمسار ٿيو ڏسي شيطان،
پڳو منيون پيڙي ڪري اعلان،
منهنجو اچي نہ وڃي اوهين ڇاٽو اوهان جو ڏرم،
درد ۾ درمان درهم برهم،
تنهنجا منهنجا غم ختم.

❊

❊❊❊

عشق وارن جا ”حيدر“ ڪهڙا بحث مباحثا،
ڏسڻ وارا سوال ڪندا ناهن.

❊

# نئون دؤر

اسان سڀ هڪ آهيون ۽ هڪ
ٿي وڃو ٿا،
بدگماني جي بيماري ۾،
بيماني ۽ بدڪاري ۾،
ٺڳي جي ٺڳيداري ۾،
چور ۽ چوڪيداري ۾،
ڦر فنڪاري ۾،
اسان سڀ هڪ آهيون ۽ هڪ ٿي وڃو ٿا، خوف خوشي غمي ۾،
وبا مستي مرضي ۾،
اس ٿڌ گرمي ۾،
فڪر فاقہ پرستيءَ ۾،
وهم سندي وسندي ۾،
خد غرضي انا پرستي ۾،
اسان سڀ هڪ آهيون ۽ هڪ ٿي وڃو ٿا،
غيرت حسد نفرت ۾،
فتنہ گيري فطنت ۾،
مڪر ڪوڙ جي سلطنت ۾،
ڌاڙ ڌاما ذهنيت ۾،
پائي سوا ملڪيت ۾،
اسان سڀ هڪ آهيون ۽ هڪ ٿي وڃو ٿا،



ريس رسامان رواجن ۾،
مفت جي خالي ڪاڄن ۾،
نقل اصل جي فرقن ۾،
غير جي ٻانهن بغلن ۾،
ڪلف لڳل ڪاٽن ۾،
دوست دشمن واٽن ۾،
راشن واري ڪٽن ۾،
اسان سڀ هڪ آهيون ۽ هڪ ٿي وڃو ٿا،
نيڪ نمازي مذهبي،
سياسي پنڊت ڌرمي،
مزدور هاري ڪڙمي،
ناحق ڪاوڙ پوءِ نرمي،
بي حيائي بي شرمي،
اسان سڀ هڪ آهيون ۽ هڪ ٿي وڃو ٿا،
گڏ گڏھ چوري ۾،
ڪپت ڪوڙ زوري ۾،
زخيره زر خوري ۾،
واھ واھ نامہ شوري ۾،
اسان سڀ هڪ آهيون ۽ هڪ ٿي وڃو ٿا،
هاڻ تہ "حيدر" دور نئون آه،
تنهنجو منهنجو چور نئون آه،
ڏسڻ جاچڻ وارو شعور نئون آه،
ڪلفت محبت منشور نئون آه،
اسان سڀ هڪ آهيون ۽ هڪ ٿي وڃو ٿا.

❊

# اچرج ۾ اچي ويا عقل وارا

سڄڻ کي ڏسي اڄ انڌن ڀي ڪيو جهيڙو،
لولا لنگڙا ا تيار ٿيا،
سنڌڙا ٻڌي ملهہ لاءِ،
اچرج ۾ اچي ويا عقل وارا،
وڏئون منهن زمين ۾،
ڪري حيرت هاءِ،
اسان ”حيدر“ جاءِ،
هينون هوڙائي ناهي.

❊

❊❊❊

اهلِ نظر ٿيڻ ۽ اهلِ قدر ٿيڻ،
اها رسم ”حيدر“ آهي صوفين جي.

❊



# افسوس آهي

رسن ۾ ٻڌل اسان جو مستقبل تہ ڏسو،
ابي امان جي وڏي هيءُ دل تہ ڏسو،
ڏاہن ۽ ڏڙڪن سان،
جي سڌري پوي آئيندو اسان جو،
هوند سڀ پڙهيل نہ هجن،
جاهل تہ ڏسو،
افسوس جون حدون ٿي ڪراس ويون،
وقت کان اڳ ٿياسين هيڏا بزدل تہ ڏسو،
حيرانگي ڪا ناهي ”حيدر“،
انسان انسان کان هيترو ڇو ڊنل تہ ڏسو.

❊

❊❊❊

ڪاوڙ ۾ حسد جو هڪ حل آهي ”حيدر“،
پنهنجو پاڻ کي پنهنجي محبوب جي طابع ڪري ڇڏ.

❊

# اميرءَ غريب

اج پيي منهن تي موچڙا ٽنگيا ڏس اميرن،
خوف موت کان،
پيا مال کائن غريبن جو،
بند مزدور رهيا
ماني ڳپيي کان ”حيدر“،
هو پيٽ رهيا پرينديين
ڪري قابو در درين.

❊

❊❊❊

ڪمائي ڪمال قرب سان ڪو”حيدر“،
سڀ ڪمال تنهنجا چمن قدم دوست.

❊



# منافق ماڻهو

چانهہ ۾ مک ڪڏهن ٻوڙي تہ ڏسون،
منافق سان دوستي ڪٽي جوڙي تہ ڏسون،
اسان حق سچ جو علم ڪنيو پاڻ ساڻ آهي،
جهر جنگ شهرن ۾ ڪوڙي تہ ڏسون،
نفرتن جي رستن تي هلڻ وارو،
اچو تہ محبتن سان هڪ دفعو جوڙي تہ ڏسون،
”حيدر“ اسان تي ڪرم حيدر ڪرار جو،
وقت جي قلندر سان ناتو پلا ٽوڙي تہ ڏسون.

❊

❊❊❊

نمائش نمود، چمچاگيري آهي واضع چهرن مان ”حيدر“،
لباسن ۾ ٽڳ لڪي لڪندين ڪيترو.

❊

## سچڻ جا سينگار

سچڻ جا سينگار ڏٺم اڄ،
سامهون ٿي،
وريا واهه وصل جا،
هنئين ٿي هٻڪار،
لٿا دل تان بار،
”حيدر“ روح ٿيو هلڪو.

❊

## صوفي

اسان پاڻ صوفي ماڻهو آهيون "حيدر"،
نہ ٿاهه ٿگي،
نہ مٿاهون سمجهون،
اوهان برابري ڪريو اوهان جي مرضي،
منافقت جي راند ڪا چڱي تہ ناهي.

❊



## صبر جو صبح

صبر جو صبوح ٿيڻو آهي،
هي قرض ڏمر جو لهڻو آهي،
ڪجھ چڪي وٺي ڪارا دنيا پيي،
مٺن جو ڦل ڇهڻو آهي،
اصل زهر ٿي ويو نقل ۾ گم،
واپس نج ڪري پيئڻو آهي،
انتظار اقرار انڪار سڀ گڏ ”حيدر“،
وفا جو سج اڀرڻو آهي،

❊

## قلندر جا فقير

اسان امن وارا امير آهيون،
اسان مريد محبتن جا،
اسان ڪڏهن ٻڌيا پير آهيون،
نہ ظالم جي ظلم سان واسطو
نہ حاڪم جي حڪم سان ٿي ”حيدر“،
اسان لعل قلندر علي عليہ اسلام جا فقير آهيون.

❊

# پنهنجا پير ڏسو

چورن ڪيون چيخون ۽ مور نچيا مستي ۾،
چور چوري کان اڳم،
مور مستي کان اڳم،
جي پير ڏسي وٺن ها پنهنجا،
ماحول منهنجي وطن جو ”حيدر“،
شرمسار نہ ٿئي ها.

❊

# وڪرو

جيڪو جنهن جو پيءُ ٿيندو آهي،
ڏسي واسي ٿيندو آهي،
اسان ان در وڪيا سون ”حيدر“،
جتي دنيا سڄي وڪجي ويئي.

❊



# چرپٽ ماڻهو

نڪ چپ جا ڏاڍا ماڻهو
گاه لوسڻ جهڙا ماڻهو
نہ سرت ساڃاه سرير ۾،
چريا چرپٽ چارا ماڻهو
ڏسڻ واسڻ جي سگهہ کان واجها،
گونگا ٻوڙا انڌا ماڻهو
بي دعوتا دعوت ۾،
ٺلها سلامن وارا ماڻهو.
خبر کان بي خبر ”حيدر“،
نادان حيرانا ماڻهو.

❊

# تماشو دنيا جو

عشق ٺاهيندو ويو اسان ٿيندا وياسين ”حيدر“،
ڪڏهن نشان عبرت،
ڪڏهن تماشو دنيا جو.

❊

# رشتا ناتا

سک ڏسي پاسو وٺڻ،
ڏک ڏسي ڏور ٿيڻ،
اهي رسمون سڀ جهان جيون،
جتي ليکا ختم ٿين،
اهڙا ناتا اسان جا ”حيدر“.

❊

# محبتون

منافقن کي چماٽون هجن،
چهرن تي،
اسان جي عظيم ڪردار ۽ اخلاق جون،
هو نفرتن جا پلي گهر سجائين،
اسان محبتون ورهائيندا ايندا سين ”حيدر “.

❊



# درد جي تصوير

ڪيڏو پيي مصور،
قابل ماهر چو نہ هجي ”حيدر“،
دردِ دل جي تصوير،
ڪيڻ ايتري آسان ڪونهي ڪا.

❊

# اعلانِ عشق

انسان تخليقِ ڪائنات جو حسن آهي ”حيدر“،
نہ ڪر تذليل اي اولاد بني آدم،
تنهنجو شعور سمجهہ ٻي طرح،
منهنجي ڪردار جو ظرف اعلانِ عشق آہ.

❊

# عشق جا رنگ

اسان جي  سمجهه کان مٿي آه،
تماشا چاهت وارن جا ”حيدر“،
عجب رنگ عشق جا،
روئاڙي وري کلايو پيي چاڻن پيا.

❊

# اُستاد

دنيا ڪتاب اهڙو آهي ”حيدر“،
جو پورو پڙهي ناهي سگهبو ڪڏهن،
مگر وقت استاد آهي يقينن،
سبق سيکاري ويندو آه.

❊



# راند

عجب نينهن تنهنجي نيٽ پريڪٽس،
نروار ڪري ڇڏيو نون  ڪلاڙين کي،
اڃان راند باقي آهي،
ڪپي حوصلو ”حيدر“.

❊

# عشق

لومڙين کي روئيندين ڏٺم،
چرين کي کلندين ڏٺم،
عقلمند اچرج ۾،
اچي ويا ”حيدر“،
جنهن رستي تان عشق کي گذرندين ڏٺم.

❊

## پاڻيءَ ۾ باهہ

پاڻيءَ ۾ لڳي باهہ آهہ،
ڪيئن تہ اجهامي "حيدر"،
پٿرن تي رکيم پن،
پن ٻڏي ويا،
پٿر تري پيا.

❊

## محبت جو واپار

محبت اسان جو واپار آهہ،
اهو ئي ورثو آهہ اسان جو”حيدر“،
جيڪو خريدي هيءَ سودو ان جي مرضي،
جيڪو منهن موڙي،
ان سان ضد ناهي ڪو.

❊



## ڪنڊا

ڪجهہ پنهنجن چٽڪاريا،
ڪنڊا راهن تي،
ايتري تيزي سان ”حيدر“،
دوستو دير لڳي پئي،
صاف ڪرڻ ۾ گل پوکڻ ۾.

❊

## نياڳو نفس

جيڪڏهن اندازو لڳائي وٺين ها،
پنهنجي نفس ۾ چپيل شيطان جو
سيمنٽ جي پٿر کي ارڪان سمجهي،
ڪنڪريو هٽين پاڻ کي ”حيدر“.

❊

# ولر کان وڇڙيل

ولر کان جيڪي وڇڙيا،
سي رلندين ڏٺاسون "حيدر"،
ڌنار بنا ڌڻ ڪي،
ڪيو بگهڙن بلائتو.

❊

# وفائون

جڏهن محبتن ۾ فرق پوندو آهي "حيدر"،
ته بهانا ٺاهڻ ڪم وڏو ناهي رهندو،
بس رسم رواجن اسان کان،
وفائون ڪسي ورتيون.

❊



# مدهوشي

نشت نيهن جي ۾،
ٿيا نشا نروار "حيدر"،
هر طرف سناٽو هو
عالم هو مدهوشي وارو.

❊

# نڀائڻ

ڄاڻي ته سيکو ٿو
سڃاڻي ڪير ڪير ٿو
واسطو هر ڪو جوڙي پيو "حيدر"،
نڀائي ڪير ڪير ٿو.

❊

# هٿ هلڪو

رک هٿ هلڪو
”حيدر“ تي منهنجا حبيب هاڻي،
مست ٿي جي گهمندو
دنيا چريو چئي ڪلندي.

❊

# هوا

پيو هلبو ان هوا جي طرف،
جنهن جو رخ ان ادا جي طرف،
جتان خوشبوءِ اچي پئي يار جي،
حاصل ”حيدر“ اهڙي عطا جي طرف.

❊



# وقت هلندو رهي

ڪنهن کي ڪو اندازو ناهي ”حيدر“،
ڪنهن جو وزن ڪنهن تي آهي،
بس وقت هلندو رهي پيو
بار کڻندو پيو وڃي

❊

# ڳالهيون

ڪيل ڳالهيون هيون سچيون ”حيدر“،
اسان جيون ڪن ڪلهه سمجهيون،
ڪن اڄ سمجهيون،
ڪن کي وقت ڇڏيندو ٻڌائي.

❊

# زندگي جو مقصد

ڪي وفات ڪري ويا ڪي فوت ٿيا،
ڪنهن کي نصيب ٿيو وصال ”حيدر“،
دنيا تہ دم گذر آهي ضرور،
مگر وڃڻ جو مقصد الڳ آه.

❊

# قلندر جو در

ٺپڪيون ڏيڻ وارا، ٺاٺارا،
ڪجھ غور ڪر ”حيدر“،
هي در قلندر آه،
هتي وقت جا غوث پيي سر جهڪائي ايندين ڏٺاسون.

❊



# فنا ءِ بقا

ميقات محبت تي وڃي،
ٻڌ احرام عشق ”حيدر“،
بقا ئي بقا آه،
فنا ۾ بقا آه.

❊

# سرمايو

اسان وٽ سرمايو،
اسان جو عشق آهي ”حيدر“،
هڪ ئي محبوب آه،
ان جي نوڪري آه.

❊

# نفرت

لڳو ڪيڙو نفرت جو،
وري محبتن جي اناج ڪي،
ڪجي تقسيم ڪئين ”حيدر“،
محبت، نفرتن جي سماج ۾.

❊

# حسد

رکي ٽوپي نراڙ تي،
دوسو نچيو دهل تي،
حسد جو حواري ”حيدر“،
لاچار ڏسو لاوارث ڪي.

❊

# اڪمل عشق

ڪيو ڪامل قرب اهڙو،
مليو اڪمل عشق ”حيدر“،
ملياسون محبت ۾ مڪمل،
ٿياسون واصل وصال ڪي.

❊



# عقل ۽ عشق

جڏهن ڀي عشق،
جنهن وقت ڀي،
آيو هلان ڪري ”حيدر“،
اتي عقل وارن جي ٿيندين تڏا ويڙهه ڏني سون.

❊

# سڀ مالڪ جا

معصوم ڀي آهن محفوظ ڀي آهن،
آهن سڀ مالڪ جا ”حيدر“،
جيڪو ٿي ويو جنهن جو،
بس اهو ٿي ويو ان جو.

❊

# هلندو هل

خود غرض ۽ خد پرست کي ڏئي تارچر ذهني،
اهوئي "حيدر" ڪافي آهه،
هو سڙي،
تون هلندو هل.

❋

# ڪربلا

لرزش جبش آهه،
ڪربلا جي ڌرتي ۾ "حيدر"،
دل ڏکي پوي ٿي،
ڏسي قرباني حسين جي.

❋



❋❋❋

ڪربلا هڪ ڳجهارت آهي،
عشق جي "حيدر"،
مذهب کان هٽي ڪري،
هڪ انسان ٿي سوچي ڏس.

❋

# حسينيت

حسينيت هڪ راز آهي،
اهڙي ڪردار جو "حيدر"،
دنيا کي ضرورت پوندي آهه،
هر هر ان فلسفي فڪر جي.

❋

# دل جو بار

حسين عليہ السلام جي هنج ۾ غمِ حسين جو هجوم ڏس "حيدر"،
لڙڪ لڙي لڙي خشڪ ٿيا،
مگر نہ لٿو بار دل جو.

❋

❋❋❋

يزيد جي صفن مان نڪري،
پوءِ رو پلي حسين عليہ السلام لاءِ،
ثمر جا پاڪر چڙي ڪڻ پاسو علمدار جو ”حيدر“.

❋

❋❋❋

حقوق انسانيت ڪي ”حيدر“ ڳولهي ڏس اي اڄ جا انسان،
يزيديت لاءِ ڪا للڪار آهي،
تہ فقط ذڪر حسين ۾ آه.

❋

❋❋❋

تعزيت ڪرڻ نڪتو آهي قافلو قلندري ”حيدر“،
سرزمين ڪربلا ۾ اڄ پڻ قائم آهي سوڳ حسين عليہ السلام ۾.

❋

❋❋❋

دنيا ۾ وڏي ۾ وڏو احتجاج نوٽ ڪرايو حسين هو،
اڄ پڻ ڪربلا شاهد آه ”حيدر“ ظلم ۽ حق چا هو.

❋



❋❋❋

حسين عليہ السلام عشق جي انتها هو ”حيدر“،
مقام عنايت جو ڪري ورتو  مقصد حاصل.

❋

❋❋❋

حسين عليہ السلام جي حسينيت ڪي سمجهڻ آهي ڏکيو
”حيدر“،
اڄ پڻ تہ ماڻهو بيعت ڪن پيا يزيد جي.

❋

# سودو

هر هنڌ آچر بازار لڳو پيو آهي،
دوکي فريب جو ”حيدر“،
سودو سامان ذرا سنڀالي وڃجو دوستو.

❋

# جهالت

چوهہ چنبڙ لاءِ،
جهالت ئي ڪافي آهي ”حيدر“،
تنقيد لاءِ علم ۽ اصلاح لاءِ عشق ضروري آهي دوست.

❋

# فتوائون

اسانجي طرز زندگي ۽ فڪر سان اختلاف رکڻ هر ڪنهن جو
حق آهي"حيدر"،
مگر ايترو جلدي نہ ڪر،
فتوا پنهنجي روڪي رک زمانا.

❊

# منافق

منافقن لاءِ زهر قاتل آهي،
فقط هي ذات "حيدر" جي،
جي چهرو ڏسندين تہ جلي خاڪ ٿي ويندين.

❊

# عشق جي دولت

دولتِ عشق ڪوشش سان نہ نصيب سان ملي ٿي "حيدر"،
ڪٿي پت پتين تي،
ڪٿي ونڊ وهنوار سان.

❊



# ناز ۽ ادا

خلافت عشق،
غنيمت ڄاڻ اي"حيدر"،
ويچارن کي ڪهڙي خبر اندازِ ناز ادا جي.

❊

# عشق ڏرم ناهي

هلايون پيا هوريان هوريان،
سلسلہ عشق محبت کي دوستو،
عشق ڏرم ناهي "حيدر" کو مڪمل ٿي وڃي.

❊

# سچ ۽ ڪوڙ

ڪهڙا ڪوڙ ڳالهايون،
محبت لڪائڻ لاءِ "حيدر"،
وري ديد ڳولڻ لاءِ دل نڪريو پوي سچ تي.

❊

# دلبر جو ديدار

اچواچ اکين کي افطار ڪرايون لڙڪن ساڻ ”حيدر“،
لهي پون اجون بکون سڀ،
ديدار سان دلبر جي.

❊

# سادگي

اسان جو حسنِ اخلاق،
اسان کي خاموش ڪرائي ٿو ”حيدر“،
اها اسان جي سادگي ۽ ڪمزوري سمجهو دوستو.

❊

# فرض

ڪو شڪوه شڪايت ناهي،
انهن تي جيڪي نه سمجهي سگهيا ڳالهه اسان جي ”حيدر“،
فقط قرض آه انهن لاءِ جيڪي سمجهي ٻوڙا ٿي ويا.

❊



# صاحبِ نگاهه

صاحبِ نگاه کان ڏِج اي ”حيدر“،
سوڙهي ٿي پوي ٿي زمين،
ان جي نظر ۾.

❊

# اسان کي سجاڻو

اسان ڪم جا ماڻهو آهيون ”حيدر“،
اسان کي سجاڻو
وقت تي ڪم ايندا سون.

❊

# سچ ۽ ڪوڙ

گهڻي ڪوشش باوجود،
ڪوڙ جو فن نه سکي سگهيس ”حيدر“،
منهنجي سچ گهڻن دوستن کي ڪيو الڳ مونکان.

❊

# قرب جو ڪمال

دنيا ڪمائڻ جي مقصد هجي ها جي ”حيدر“،
تہ ائين نہ گهمجي ها گلي گلي ۾،
اسان کي تہ عمل ڪنهن ڪيو قابو آهي قرب ۾.

❋

# درودن جا تحفا

لکين ڪوششون ڪري ڏس اي زمانا،
اسان قلندرين جيون وسنديون،
وسنديون رهنديون ”حيدر“،
تحفا درودن جا پرين جي پار پهچندا رهندا.

❋

# پنڌ پري آهي

جنهن کي عشق خريد ڪري ڪيو پنهنجو ”حيدر“،
اها منزل ڳري آهي،
اهو پنڌ پري آهن.

❋



# حيوانن سان محبت ڏسي

حيوانن جي محبت ڏسي،
انسان ٿيا شرمسار ”حيدر“،
لطف ونڻ لڳا هنن بي زبانن کان زبانن وارا.

❋

# سبق ياد آهہ

اسان کي سبق ڏنو عشق اچي استاد ٿي،
اجان تائين ”حيدر“،
ياد آهہ پڪو آهہ يا ڪچو آهہ.

❋

# موت جو وقت ناهي

موت جو ڪو وقت ۽ هنڌ ناهي ”حيدر“،
جيڪو درود پڙهندين هليو،
اهو ان سان گڏ اٿندو.

❋

# نگاهِ يار

هزارين جام هوندا ”حيدر“،
هزارين مئي خانہ برحق،
مگر لذت نگاهہ يار جو ڪمال سبحان الله.

❋

## جيئڻ ڏنو مون

جيئڻ جيئڻ ڏنو مون،
ائين جي ڏسين تون ”حيدر“،
پوءِ تبصرو ڪجان منهنجي محبوب تي.

❊

## ڪوڙي دنيا

رکين جي سر سجڻ اڳيان،
وڃين سردار ٿي ”حيدر“،
دنيا ڪوڙي جي ڪهڙي غرض توکي دوست.

❊

## عشق جو سفر

عشق جو سفر نہ ڏينهن ۾ رات ٽڪي ئي نٿو ”حيدر“،
پيو هلي، پيو هلي،
ڪجھ ٽڪاوٽ پيجي تہ ڏسي.

❊



## صاف نظرون

حسن وارن سان هلڻ جي لاءِ،
حسن جي ضرورت پوندي آهي ”حيدر“،
روشن چهري ڏسڻ لاءِ روشن صاف گهرجن ٿيو نظرون.

❊

## مقام قربت

قلندر سڏائڻ لاءِ مٿو ڪوڙائڻ ضروري ناهي ”حيدر“،
فقط مقام قربت ۾،
ڪپي اڏام قلندري.

❊

## اصلاح ۽ انقلاب

عضون جي درستي سواءِ ڪهڙي هوندي صحت ”حيدر“،
انقلاب جي ڳالهہ ڇڏ،
ڪر اصلاح جي ڳالهہ هاڻ.

❊

# بي نقاب

بي نقاب ٿي بازار مان ٿيو گذر،
جڏهن محبوب جو ”حيدر“،
توبهہ استغفار مهمان ٿيو ايمان اچي.

❊

# اُٿ ۽ انسان

اٺ جو پيٽ پرجي تہ سمهي پوندو آهي ”حيدر“،
جي انسان جو پيٽ پرجي،
تہ ٻين جا پيٽ ڦاڙي.

❊

# حسن جا جلوا

ڪوشش ڪيم ڏاڍي نشا خمار جا لهي وڃن ”حيدر“،
اجان سنڀالي نہ سگهيس، پاڻ کي،
شباب حسن جا جلوا.

❊



# نچڻ ۾ مزو آهہ

نچڻ ۾ مزو آهي دلبر جي در تي ”حيدر“،
ملي سڪون ٿو ڪيڏو،
محبوب جي مرڪڻ ۾.

❊

# تڪبر ۽ غرور

اڄ بہ هڪ تبريز جي ضرورت آهي،
منهنجي من جي مولوي کي ”حيدر“ ،
تڪبر غرور هوڏ ڪيو تنگ آهي معاشري کي.

❊

# عشق جو علاج

هڪڙي ويڪسين محبت وارن لاءِ پيي ناهيو ”حيدر“ ،
عشق اهڙي وبا آهي دوستو،
علاج ناممڪن ٿيندو آهي.

❊

# دربند نہ ڪر

در پور نہ ھو،
منھنجو دلبر ٿيو ڪڏھن ”حيدر“،
عجب ڏس دنيا ڪئي رستا روڪ ديدار وارن جي.

❊

# مٿي

مٿي تہ سڀ مٿي آھي،
پر سانچي جو فرق آھي ”حيدر“،
پڇڻ پڇائڻ واري جو ٻيو ڪمال ضروري آھي.

❊

# زھر ۽ زم زم

جيڪڏھن زندگيءَ ۾ زھر ۽ زم زم جي ذائقي جي پرک نہ پوي ”حيدر“،
پوءِ جيئڻ ۽ مرڻ،
مرڻ ۽ جيئڻ جو مزو ڪيئن وٺجي.

❊



# لڙڪ

اکين جيون پنبڙيون ٽوڙي،
اڇي ھنج ۾ ڪريا ”حيدر“،
لڙڪ منھنجي صبر جي ڪري وھي ويا ڏس.

❊

# نشو نيھن جو

ڇيو رات ڪنھن ”حيدر“،
پيئندو آھين تون شايد،
ڇيم تہ ھاڻي ئي تہ پيو وينو آھيان.

❊

❊❊❊

ھيءُ اُھي ھمراہ آھن جيڪي راڄ مان تڙيا ويا،
ھڪ ئي سبب ھو اُن جو ”حيدر“،
انھن راڄ ڏٺي ڪي نہ سڃاتو.

❊

❊❊❊

اسان اهڙي معاشري ۾ جيون پيا ”حيدر“،
جتي روحانيت ۾ پيي سياست ملندي آهي.

❊

❊❊❊

سڄي زندگيءَ ڪئي سون حاصلاتِ عشق جي ڳولا،
هاڻي ڪريون پيا ان جي حفاظت ”حيدر“.

❊

❊❊❊

سمنڊ جي خاموشي کان انڪار ناهي ”حيدر“،
مگر طوفانن سان وڙهڻ جو مزو نرالو آهي.

❊

❊❊❊

ڪنيو محبوب چنڊ چهري تان نقاب جڏهن ”حيدر“،
سبحان الله ماشاالله الحمدالله.

❊



❊❊❊

حسد ڪرڻ وارن جو خير ”حيدر“،
عزتون ۽ مرتبا رب پاڪ ڏيندو آهي.

❊

❊❊❊

ٻن رڪعتن وارو امام ڇا ڄاڻي عظمت امامن جي،
اسان جو تہ ”حيدر“ امامن جو امام آهي علي قرار.

❊

❊❊❊

لاتعلق جو لاتعلق ٿيڻ ڪا ڳالهہ ناهي ”حيدر“،
تعلق واري جو لاتعلق ٿيڻ اچرج جي ڳالهہ آهي.

❊

❊❊❊

هٽي پٺي ۾ خنجر، اي دوست،
وري چوين ٿو ”حيدر“ توسان هجت تہ ڏس.

❊

***

اي دوست توکي ڇا معلوم اسان کي ڇا مليو "حيدر"،
ٻنهي جهانن جي دولت محمد مصطفيٰ ﷺ ملي ويو.

*

***

ديدون ۽ عيدون جي وچن گڏجي،
تہ ديدن کي عيدون سمجهان ٿو "حيدر".

*

***

ڦري ويندين شرطن تان سوچي وٺ "حيدر"،
زندگيءَ وسيع پيي آهي تہ ڏکي پيي آهي جاني.

*

***

سجدا ڪري ڪري نرڙ تي محراب ٺاهي ڇڏيم "حيدر"،
مگر دل سجدا ريز نہ ٿي سگهي دوستو.

*



***

محبت حقيقت آهي يا فسانو ڪا خبر ناهي "حيدر"،
بس لڳا پيا آهيون ڳولهڻ لاءِ.

*

***

سرٽيفڪيٽن تي يقين نہ رک تون "حيدر"،
تربيت ئي ٻڌائي سگهي ٿي تہ هي خاندان حسين آه.

*

***

آثار عشق نمايان ٿيڻ محسوس ٿيا "حيدر"،
جڏهن کان وفا جي ويڙهہ جفا سان ٿيڻ لڳي آه.

*

***

دسترخوان علي تي پلجڻ وارا "حيدر"،
پويان نہ نظرون اڳيان رکندا آهن.

*

❋❋❋

يقين فيضِ قلندر وسيع تر وسيع آهي ”حيدر“،
مگر احترام ۽ ادب لازم ملزم آه.

❋

❋❋❋

زندگيءَ ۾ ڪي اهڙيون هستيون گڏجن ٿيون ”حيدر“،
جنهن سان اتفاق ۽ اختلاف جي لذت ئي پنهنجي هوندي آهي.

❋

❋❋❋

عشق وارن جو عقل خبر رسان ٿيندو آهي ”حيدر“،
شناخت ٿي پوندي آهي موافق ۽ منافق ۾.

❋

❋❋❋

اي محبوب هڪ لمحو هن ”حيدر“ جو تو سواءِ،
جي غافل رهي تہ مرتد قرار ٿئي عشق جي ڪتاب ۾.

❋



❋❋❋

ڪير آهي جو راز فاش ڪري پنهنجي محبت جا ”حيدر“،
دل جي ڳالهہ ذهن کان چپن تي اچيو وڃي زر زر.

❋

❋❋❋

اسان جي سادگي ۽ عاجزي ۾ خوشي آه ديد جي مگر،
دل انهن سان آهي ”حيدر“ جن عيد نہ ڪئي ڪنهن جي ڪري.

❋

❋❋❋

لذتِ ديدار جي ”حيدر“ ڇا ڳالهہ ڪجي دوستو،
آمدِ يار هجي ۽ انتظار ۾ اسان هجون.

❋

❋❋❋

ڇون ٿا تہ چنڊ ڏسڻ ۾ ايندو آهي يا ڏٺو ويندو ”حيدر“،
پر دل ۾ روشني ڪري جيڪو پيدا اهو چنڊ ڪٿان ايندو.

❋

***

چون ٿا تہ چنڊ ڏسڻ جون پيي مبارڪون ڏبيون يا ملنديون آهن

"حيدر"،

محبوبن جي گڏجڻ جون واڌايون ڪڏهن اينديون.

*

***

انسان کي قيد ۾ ڏسي "حيدر"،

شيطان کلي پيو رمضان ۾.

*

***

پلي جامِ شربت هزارين هجن "حيدر"،

الاهي چو نگاھ يار جي ڪوٽ آهي ڏاڍي.

*



# سيد غلام حيدر شاھ قلندري جا

| ڇپيل ڪتاب | ايندڙ ڪتاب |
|---|---|
| 1. منهنجا سهڻا سڄڻ (ڪافيون) | 1. ميدانِ عشق (تقريرون) |
| 2. پلي چريو چون ماڻهو (غزل شاعري) | 2. وارداتِ عشق (تقريرون) |
| 3. نرتؤن منجهان نينهن (فضائل دُرود پاڪ) | 3. نچوڙيو نينهن جن کي (روحاني ڪچهريون) |
| 4. هو جي هليا هنگلور (نثر) | 4. مُٿيون پيڙي پيچ |
| 5. گونجيا گيت حيدر جا (شاعري) | 5. باغِ وفا جون رمزون (روحاني ڪچهريون) |
| 6. آثار قيامت | 6. لفظن جي چار (شاعري) |
| 7. آذانِ عشق (تقريرون) | 7. سب کچھ چلتا ہے |
| 8. چنڊ چهرو محبوب جو (شاعري) | 8. وفاءِ محمد ﷺ |
| 9. پرينءَ جي پار جون ڳالهيون. | 9. Salient Message of Sufism |
| 10. سڄڻ جن کي سڏيو | 10. هدايت سلوڪِ قلندريت |
| 11. اعلانِ عشق (تقريرون). | 11. انعامِ عشق (سوالن جا جواب) |
| 12. انتقالِ عشق وصالِ يار (شاعري) | 12. بے سمجھی کی باتیں (اردو شاعری) |
| | 13. سفرِ عشق (عراق جون مقدس زيارتون) |